SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريہ 1975

# SINDH ACT NO.XIX OF 1975

# سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز) ڀلائي فنڊ ايڪٽ، 1975

# THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (MEMBERS) WELFARE FUND ACT, 1975

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. تعريف

Definitions

3. فنڊ جو قيام

Establishment of Fund

4. فنڊ جمع ڪرڻ

Contribution to the Fund

5. فنڊ جو استعمال

Utilization of the Fund

6. ڪاميٽي جي تشڪيل

Constitution of Committee

7. مالي معاونت

Financial Assistance

8. ڪاميٽي جو عملو

Staff of the Committee

9. قاعدا ٺاهڻ جا اختيار

Power to make Regulations

10. ادائيگي

Payments

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX مجريه 1975

# SINDH ACT NO.XIX OF 1975

# سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز) ڀلائي فنڊ ايڪٽ، 1975

# THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (MEMBERS) WELFARE FUND ACT, 1975

[30 ڊسمبر 1975]

صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ انهن جي وارثن کي مالي سهائتا لاءِ فنڊ جي قيام لاءِ ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن ۽ انهن جي وارثن کي مالي سهائتا لاءِ فنڊ جو قيام ضروري ٿي پيو آهي.

اهو هن طرح جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز) ڀلائي فنڊ ايڪٽ، 1975 چيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

تعريف

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪا به شئي مضمون يا مفهوم جي متضاد نه هجي ته:

Definitions

(a) "اسيمبلي" جي معنيٰ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي.

(b) "وڏو وزير" جي معنيٰ سنڌ جو وڏو وزير.

(c) "ڪاميٽي" جي معنيٰ دفعه 6 تحت جوڙيل پلائي ڪميٽي جا ميمبرز

(d) "ڊپٽي اسپيڪر" جي معنيٰ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر.

(e) "اڳوڻو ميمبر" جي معنيٰ اهو شخص جيڪو ميمبر هو ۽ هن پنهنجي رڪنيت دوران فنڊ جمع ڪيا هئا.

(f) "فنڊ" جي معنيٰ دفعه 3 جي تحت ميمبرز جي پلائي جو فنڊ.

(g) "حڪومت" معنيٰ سنڌ حڪومت.

(h) "مخالف ڌر اڳواڻ" جي معنيٰ مخالف ڌر اڳواڻ جيئن سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهار ۽ مراعاتون) ايڪٽ، 1974 جي دفعه 2 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(i) "رڪن" جي معنيٰ اسيمبلي جو رڪن.

(j) "وزير" جي معنيٰ حڪومتي وزير

(k) "صوبي" جي معنيٰ آهي سنڌ صوبو.

(l) "اسپيڪر" جي معنيٰ آهي اسيمبلي جو اسپيڪر

ماليات جو قيام

Establishment of Fund

3. (1) هتي هڪ ماليات فنڊ هوندو، جنهن ڪي ميمبرن جي پلائي جو فنڊ سڏيو ويندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(a) ميمبرز جي طرفان جمع ٿيل رقم

(b) حڪومتي امداد ۽

(c) اها آمدني جيڪا سرمايه ڪاري سان فنڊ مان ڪئي ويجي.

(2) فنڊ ۾ جمع ڪيل رقم اهڙين شيڊول بئنڪ يا بئنڪن ۾

رکي ويندي جيڪي ڪاميٽي طرفان ڄاڻايل هجن.

(3) فنڊ مان رقم ڪڍڻ لاءِ چيئرمين جا دستخط ضروري نہ هوندا.

ماليات کي جمع ڪرڻ

Contribution to the Fund

4. (1) هر ميمبر 25 رپيا مهيني جي حساب سان پنهنجو حصو ادا ڪندو ۽ اهو حصو هن جي پگهار مان ڪاٽيو ويندو.

(2) حڪومت هڪ هزار پنج سئو رپيا (1500) هر مهيني فنڊ جي امداد طور ادا ڪندي.

ماليات جو استعمال

Utilization of the Fund

5. فنڊ ميمبرز، اڳوڻن ميمبرز ۽ انهن جي وارثن جي مالي سهائتا لاءِ استعمال ۾ آندو ويندو، جيئن ڪيس هجي.

ڪاميٽي جي تشڪيل

Constitution of Committee

6. (1) هڪ ڪاميٽي جوڙي ويندي جيڪا ميمبرن جي ڀلائي جي ڪاميٽي طور ڄاتي ويندي.

(2) اها ڪاميٽي اسپيڪر، وڏي وزير، قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير، ڊپٽي اسپيڪر، مخالف ڌر اڳواڻ ۽ اسيمبلي طرفان چونڊيل ٽن ميمبرن تي مشتمل هوندي.

(3) اسپيڪر ڪميٽي جو چيئرمين هوندو.

مالي معاونت

Financial Assistance

7. ڪاميٽي کي اهڙو اختيار هوندو تہ اها ڪنهن ميمبر يا اڳوڻي ميمبر جي جنهن نظر وڃائي ڇڏي هجي يا جسم جي ڪنهن عضوي کان معذور ٿي ويو هجي يا ڊگهي عرصي کان بيماري کي منهن ڏئي رهيو هجي تہ مالي سهائتا جي منظور ڏئي سگهي ٿي، يا ان جي موت جي صورت ۾ سندس وارثن جي سهائتا ڪري

| | |
|---|---|
| سگهي ٿي، جيئن مناسب هجي. | |
| 8. ڪاميٽي فنڊ جي انتظامن سنڀالڻ لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت اهڙو عملدارُ يا عملدارَ ۽ ٻيو اسٽاف مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن مناسب هجي. | ڪاميٽي لاءِ ماتحت عملو<br>Staff of the Committee |
| 9. ڪاميٽي فنڊ جي انتظام هلائڻ لاءِ ۽ پنهنجي وهنوار سميت گڏجاڻين ڪوٺائڻ ۽ گڏجاڻين لاءِ گهربل ڪورم لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. | قاعدا ٺاهڻ جا اختيار<br>Power to make Regulations |
| 10. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل يا طئي ٿيل ڪنهن معاملي تي سوال اٿارڻ جو اختيار نہ آهي. | ادائيگي<br>Payments |

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**